
115 82 68
194 150 130
98 122 157
87 108 67
133 128 177
214 126 44
80 91 166
193 90 99
94 60 108
157 188 64

आतम ओ३म दर्शन

آتم درشن

آتم درشن پرکاشن منڈل جوماسک پتر

سنستھاپک :- سوامی لیلا شاہ مہاراج

سمپادک :- دیپ چندر بیلاٹی، ایم۔ اے



یوگیراج سوامی لیلا شاہ مہاراج

Atma Darshan — آتم درشن

(Monthly Magazine) — (ماسڪ پترُ)

Prabhu Mohalla, — پربُو محلا،

Nawab Ka Bera, — نواب ڪا بيڙا،

Ajmer-305001 — اجمير - ٣٠٥٠٠١

Editor: **Deepchandra Tilokchand Belani, M.A**

ساليانو چندو ڀارت ۾ ڏهه روپيه - لائيف ميمبر ٢٢٥ روپيه

(سمپادڪ ليکڪن جي سڀني رايُن سان ٻڌل ناهي.)

آنڪ ٥]   ماهه مئي ١٩٨٦   [سال ٣٣

سوامي ليلاشاهه مهاراج جو ١٠٦ جنم وار

سوامي جن جو جنم وار هيٺين هنڌ ملهايو ويو:-

اجمير:- سوامي ليلاشاهه سيوا منڊل اجمير طرفان ٤ اپريل صبح جو غريب پريوارن کي ڪپڙو، کٽ ۽ صابڻ ڏنو ويو. شام جو سوامي ليلاشاهه هال ۾ عام سڀا ٿي، جنهن ۾ ڊاڪٽر شيورام، شري گهنشيام سنگهه، ٻولچنداڻي ۽ ديپچند ٻيلاڻيءَ تقريرون ڪيون. شري نرمل صراف، پنڊت سانوري آتلاڻي ۽ ڀڳت ڪشنچند ڀڄن ڳايا. هيءُ ڏينهن ڀڳوان گنج ۾ به کتري سماج طرفان ملهايو ويو.

جئپور:- ماتا ليلاوتي ستسنگ آڙن ۾ سوامي جن جو جنم وار شرڌا سان ملهايو ويو. سوامي سڪانند ۽ ڊاڪٽر ڀيمراج ٽانواڻيءَ تقريرون ڪيون.

سوامي ليلاشاهه جو جنم اُتسو

جاڪرتا: ـ ٧ اپريل تي شوجي مندر ۾ سوامي جن جو جنم وار ملهايو ويو. اُنهي موقعي تي سينگاپور مان شري سي. وي. پرسرام خاص طرح آيل هو. هن اتي ڪلاڪ کن سوامي جن کي شردانجلي ڏني. سندن مهما جو ورنن ڪندي چيائين تہ هو صرف سنت ڪونہ هئا پر سماج سڌارڪ، ديش ڀڳت ۽ گياني هئا.

سينگاپور: سوامي جن جو جنم وار ٣٠ مارچ تي سنڌو هائوس ۾ ملهايو ويو. شريمتي چندرا پرسرام سوامي جن تي ڀڄن چيو ۽ شري ڪيماڻي ۽ هرڪشنداس پوڄواڻي شردانجلي ڏني.

* شڀ وواهه *

سينگاپور جي شري سي. وي. پرسرام پنهنجي ڌيءُ جي شادي جي موقع تي غريب نياڻي شادي سهائتا فنڊ لاءِ ٥٠٠ روپيہ موڪليا آهن. سندس ڌيءُ آشا (هاڻي هرشا) جو وواهه هانگ ڪانگ جي شري واشي ڪيماڻي (Bee kay & Co. HK) سان ١٢ مارچ تي سک سان ٿي گذريو. ڀارت چاهي وديش مان شري پرسرام کي شڀ ڀاونائن ۽ آشيرواد جا جهجها پيغام ۽ تارون پهتيون، جنهن لاءِ هو سڀني جو شڪرگذار آهي.

سوامي ليلاشاهه سيوا سمتي نئين دهليءَ جي
پرشارٿ سان

سنت ڀون، راجيندر نگر دهليءَ ۾
ٺهي رهيو آهي

سوامي ليلاشاهه هال

راڄڌانيءَ ۾ اهڙي هال جي سخت ضرورت هئي

ڇا توهان انهيءَ ڪم ۾ آهوتي ڏني آهي ؟

جي نه، ته هڪدم اڳتي اچو ته
ڪم جلد پورو ٿئي

خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته انهيءَ هال لاءِ

سنگاپور جي شري سي. وي. پرسرام
٢١ هزار رپيا ڏنا آهن.

ڪل ٥٠ هزار رپيا ڏيڻ جو سنڪلپ اٿس.

وديشن ۾ رهندڙ داني شري سي. وي. پرسرام
کي به پيسا ڏيئي سگهن ٿا.

ڪراس چيڪ، ڊرافٽ ۽ مني آرڊر ”سوامي ليلاشاهه
سيوا سمتيءَ“ جي نالي هيٺينءَ ائڊريس تي موڪليو:

شري گهنشيام ڀاڳچنداڻي
6/54 راجيندر نگر، دهلي 110060

اُلهاس نگر:- جيتا جاردن پرڪاش طرفان سوامي ٽيئون رام آشرم ۾ سوامي جن جو جنم وار ملهايو ويو. سفيد پوشن کي روڪ سهائتا ۽ ساڙهيون ڏنيون ويون. شام جو ڊاڪٽر ديال آشا ۽ شري گوتم شڪارپوريءَ سوامي جن جي جيون ۽ سکيائن تي تقريرون ڪيون.

شولاپور:- سوامي جن جو جنم وار سڀني سنڌين گڏجي سوامي ليلاشاهه هال ۾ ملهايو. سورداس، اپاهجن ۽ رمانڊ هوم جي ٻارن جي گپت روپ ۾ شيوا ٿي. رات جو سوامي جن جي فلم ڏيکاري وئي. سنگيت ٿيو ۽ سندن جيون تي ڳالهايو ويو.

مٿرا:- هتي سوامي جن جو جنم وار اُتساهه سان ملهايو ويو. ٥ تاريخ سموهه شاديون ۽ جڻيا به ٿيا.

آديپور:- هميشه جيان هتي سوامي جن جو جنم وار ليلاشاهه آشرم ۾ ملهايو ويو. ڀنڊارو به ڪيو ويو.

هردوار:- پريم پرڪاش منڊل ۾ سوامي جن جي جنم وار جي اپلکش ۾ ٢٠ منٽ کن سنگاپور جي شري ٽي. وي. پرسرام ڳالهايو. جنهن ۾ هن سوامي جن جي وديش ياترائن ۽ اُتي هلندڙ ڪمن جو ورنن ڪيو. سوامي جن جي اُنهيءَ سکيا تي گهڻو زور ڏنائين ته گهوٽيتا ڏيتي ليتيءَ جي پول نه ڪن.

هيءُ ڏينهن دهلي، نڊيائي، پالنپور، باندرا ۽ ٻين هنڌن به ملهايو ويو.

روپيه ڏاج ۾ ڏني ته هو ڏاڍي سکي ٿي، اهڙي هن جي شڪتي آهي پر بدقسمتيءَ سان اُن جو اُلٽو اثر وچين طبقي تي پوي ٿو جنهن کي اهڙي شڪتي ڪانهي. گهڻيئي ڀيرا جڏهن بشرم ٿيڻي پرپور ڏاڍي لاچاريءَ جي گهڙين ته ڪنواريءَ لاءِ قرض ڪڍڻ ڪانسواءِ ٻيو رستو ئي ڪونه رهندو يا نه سچي سياڻي ڇوڪري ڪنواري ئي ويٺي رهي! ڪيترين حالتن ۾ ته ويچاريون ڇوڪريون آپگهات ڪيون ڪري ڇڏين!

سوامي جن اُن جو سرل اُپاءُ ڳولهي ڪيائون سموهه جڳيا ۽ سموهه شاديون. هڪ ئي وقت، هڪ ئي منڊپ ۾، هڪ ئي پنڊت پاران ٢٥-٢٥ شاديون ڪرايون ويون. اُن ۾ ڪو به ڏيکاءُ ڪونه ٿو رهي؛ اُن تي خرچ به بلڪل گهٽ، اُن موقعي تي هزارين ماڻهو هڪ هنڌ اچي جمع ٿين ٿا؛ وڏو ميلو لڳي ٿو وڃي. اُن آدرشي اُپاءُ ذريعي اڄ هزارين ڪٽنبن جو ڪلياڻ هر سال ٿيندو رهي ٿو. البت ڪي ڏوهال هيٺان ڪجهه ڏي وٺ ڪندا هوندا پر اُن جو گهٽ ۾ ڏيکاءُ ته ڪونه ٿو ٿئي.

سوامي جن هڪ ٻيو انوکو ڪم ڪري ويا. اُهو هو لوڪ سنت پنڊتاڻ ارپيا ڪرڻ. سنڌي اڄ ڪلهه ڪرتي ۾ ورهائجي ويا آهن. اُنهن سڀني لوڪ سنت جي سنتان کي هڪ ڌاڳي ۾ پوئي هڪ اکل ڀارتيه لوڪ سنت پنڊتاڻ سوامي جن ٺهرائي ويا. اُها سنستا سوامي جن جي هدايتن

سوامي ليلاشاهه مهاراج (٢)

(آچاريه پرڀوداس ڪندناڻي، راجڪوٽ)

سنت ليلاشاهه جي خاص خوبي اها هئي ته هن ٻين سنتن مهاتمائن وانگر ڪي سنڌ ۾ مندر ٺهرايون، ٺڪاڻا يا آشرم وغيره ڪونه جوڙايا. هن جي باري ۾ ڪيترن کي اپار شرڌا هئي ۽ سنتن ڪافي مڃتا هئي. هو چاهين ها ته ١٠-٢٠ آشرم مزي سان کولي سگهن ها. پاڻ کي مهنت سڏائي گدي وسائي، پاڻ پوڄائي، لکين ڪروڙين روپين جي جائداد به ٺاهي سگهن ها. پر سوامي جي ته هئا سچا پرم گياني - سچا ڪرم يوگي. هن جو پنهنجي پرچار ۾ بلڪل موهه ڪونه هو. ڪڏهن لکشميءَ کي ويجهو اچڻ ڪونه ڏنائون.

سوامي جن سنڌي سماج تي هڪ وڏو اپڪار ڪيو، جو هن سنڌين جي برائين کي پروڙي انهن کي جڙ کان ناس ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي. هڪ وڏي برائي ڪين ڏسڻ ۾ آئي ڏيتي ليتي جي. اها هڪ نڪري بيماري آهي. ان هزارين گهر تباهه ڪيا آهن. ان کي ختم ڪرڻ لاءِ سوامي جن پهريائين ته هر شهر ۾ پرچار ڪندا رهيا. ان بعد هڪ زبردست هلچل هلائي ته شادين ۾ نه ٻول جي، نه ڏيکاءَ جي نه اجائي آڊمبر جي ٿيڻ گهرجن.

جيڪڏهن ڪو شاهوڪار پنهنجي ڌيءَ کي لکين

شريڪ ٿيندا.

اُن سڀني سنتن کي اسانجون ايندڙ پيڙهيون به ياد ڪنديون رهنديون. ڏکي لمحي کي مٽائڻ جي ڪوشش سنت ۾ چاهي هجن يا نه، ڪيترن مهاپرشن ۽ سنتن مهاتمائن ڪئي هئي پر جيتري ڪاميابي هن جي ٻي جڙ لڳي کي ملي، اوتري ٻئي ڪنهن کي ڪانه ملي.

سوامي جن ۴ نومبر ۱۹۷۳ع تي پالنپور ۾ برهم ليِن ٿيا. اڄ به سندن سماڌي آدپور ۾ قائم آهي، جتي سال ۾ ٻه دفعا ميلو لڳي ٿو ۽ سوين جٿا ۽ سوين شاديون ڪافي سٺي تعداد ۾ ٿين ٿيون. اُتي عام لاءِ ڀنڊارو ڪيو ويندو آهي. اُن ۾ نه صرف ايترو پر منڊل طرفان هر شاديءَ ڪندڙ جوڙي کي ساڙهي، ڪپهه، برتن وغيره ڪيترو سامان شِشن پاران ڏنو ويندو آهي.

شاد پرڪ درشنيءَ کان اڄ اهو مهان پرکي اسانجي وچ ۾ ڪونهي پر سندس نوراني نور سدائين پيو چمڪي! شل سندس آسيس سنڌي سماج تي رهي، جيئن سنڌي سماج سندس پدچال رستي تي هلي ان ڏاکڙ ڏکي لمحي مان نجات پائي سگهي!!! (سماپت)

جهڙي ڀاونا، تهڙو هرديه

(شري موهن ڪتواڻي "سماڌ"، اندور)

سنسان جهنگل ۾ هڪ ٺاهوڪو مڪان ٺهيل هو. هڪ ساڌوءَ اُن کي ڏسي سوچيو، "ڪهڙو نه ٺاهوڪو

موجب ڇپايل بندن تي عمل ڪرائي ٿي. ان نموني اهو ڏيتي ليتيءَ جو پيچيده مسئلو حل ڪرڻ جي ڪوشش سواميءَ جن ڪئي ۽ ڪامياب ٿيو پڻ هميشه لاءِ سماج کي ڏنو. ان نموني وچولي طبقي ۽ غريب طبقي کي ڪافي آرام پڻ حاصل ٿيو آهي.

سواميءَ جن پنهنجي جيون جو ڪافي عرصو ٻهراڙين ۾ لوڪ ساڌنا ۾ لڳايو هو. ٻاهر اچي هن لوڪ ۽ قدرتي علاج جو پرچار ڪيو. هن ڪيترن هنڌ گئوشالائون، آناٿ آشرم، اسڪول، ناري شالائون ۽ پاٺشالائون پڻ شروع ڪرايون، جيڪي اڄ به ڪم ڪنديون رهن ٿيون.

سواميءَ جن پارس ڪان ٻاهر جو دورو به ڪري آيا هئا. هر هنڌ سواميءَ جن سنڌين ۾ سنگهڻ ۽ ڏيتي ليتيءَ بنا شاديءَ جو پرچار ڪندا رهندا هئا. اتي به سواميءَ جن سٺو اثر ڇڏيو.

جيون جي پڇاڙيءَ تائين سواميءَ جن ديش جو رٽن ڪندا رهندا هئا. هو ڪاٿي ڪاٿي چوندا هئا:- "اسانجي رلي ڪلهي تي ۽ روڻي واڄ تي آهي."

سواميءَ جن جيڪو ٻج ڇٽيو آهي، اهو اوس هڪ ڏينهن وڌي وڻ ٿيندو ۽ سماج کي ٿڌي ڇانءَ ۽ مٺو ڦل ڏيندو! اهو ڏينهن به ايندو، جڏهن مالدار به پنهنجي غلط راهه ڇڏي سواميءَ جن جي صحيح راهه تي قدم رکندا! هو به راضي خوشيءَ سان شاديون ۾ اچي

اِندريون مالڪ نه پر اسانجا داس آهن

(شري ليلارام ڏولاڻي)

هڪ سيٺ هو. وڏو ڪاروبار هلائيندڙ هوس. شيوا لاءِ ۽ ڪاروبار کي سولائيءَ سان هلائڻ لاءِ هن پاڻ وٽ ڏهه نوڪر رکيا هئا ۽ انهن ڏهن ئي نوڪرن تي ضابطو رکڻ لاءِ ۽ ڪانئن پوريءَ ريت ڪم وٺڻ لاءِ هڪ وڏو ۽ هوشيار نوڪر به رکيو هئائين.

سيٺ ڪاروبار ڏانهن بلڪل نشچنت ٿي ويو. ڏينهن رات آرام ۾ وندر ۾ گذارڻ لڳس. ڪاروبار ڏانهن ڪنهن به قسم جو ڌيان ڪونه ڏنائين. ڇو، سڀئي سارا پاڻهين نوڪر آهن، پاڻهي پيا ڪاروبار هلائيندا. هيڊ نوڪر ڏٺو ته سيٺ جو ڌيان ته ڪاروبار ڏانهن آهي ئي ڪونه، سو بلڪل بي پرواهه ۽ لاغرض بڻجي ويو. ڏهن نوڪرن کي پنهنجو پڌو ۽ پاڻهو بڻائي سيٺ کي آڱرين تي نچائڻ لڳو. سيٺ جون اکيون تڏهن کليون، جڏهن سارو ڪاروبار گهاٽي هيٺ اچي ويو.

اهو مثال اسانجي جيون سان به لڳي اچي ٿو. مالڪ مهر ڪري اسانکي هن سنسار ۾ سنساري ڪاروبار کي نيڪ نموني سر انجام ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي. اسانجي مدد لاءِ اسانکي پنج ڪرم اِندريون ۽ پنج گيان اِندريون ڏنيون اٿس ۽ انهن ڏهن اِندرين تي ضابطو

۽ ايڪانت وارو مڪان ٺهيل آهي. هتي ويهي ايشور جو ڀڄن ڪندس."

هڪ چور آيو مڪان ڏسي سوچيو، "واهه! ڪهڙو نه ٺاهوڪو مڪان آهي هي! چوريءَ جو مال هتي لڪائي رکندس."

هڪ وهپاريءَ مڪان ڏسي چيو "واهه! عيش عشرت ڪرڻ ۽ موجون اڏائڻ لاءِ بيشڪ ٺاهوڪي جاءِ آهي." هڪ جواريءَ مڪان ڏسي چيو، "پنهنجي ساٿين کي آڻي هتي اچي جوا ڪنداسين."

هڪ ئي مڪان لاءِ جدا جدا ڀاونا رکڻ ڪري مڪان جو روپ به الڳ ٿي ويو. جي توهان چاهيو ٿا ته توهان جو هردو شڌ رهي ته پنهنجون ڀاونائون شڌ رکو. ڀاونائن ۾ شڌي ته چڱي ٿئي پڙي.

سڀ جڳ ايشور روپ آ، نا ڪو ٻيو نا مندو،
ڦل سڀ جي جهول ۾، جهڙي ڀاونا هو ڪندو.

ڪيپي رٽائرڊ شيواداري

جدا جدا شيوا ڪارين ڪرڻ لاءِ هڪ ٻه شيواداري ڪين، جيڪي رٽائرڊ ٿيل ۽ سمجهي هجن ۽ شيوا ڀاءُ سان ڪم ڪن. سندن رهڻ ۽ کاڌي جو بندوبست فري ڪيو ويندو. کاڌي ۾ ٻه وقت روٽي ۽ صبح جو چانهه يا کير جو ڪوپ ڏنو ويندو. لکپڙه ڪريو:-

ديپچند ر بيلاڻي، نواب جو پاڙو، اجمير

کي گهڙيءَ گهڙيءَ زوال ڏانهن گهليندا پيا وڃن. آتما ترقي لئي پرماتما سان ملڻ لاءِ پر هيءُ من آهي نه. اهو ڇڙواڳ بڻجي آتما کي پرماتما کان دور هڪاليندو پيو وڃي.

اُن من تي ضابطو رکو. ابياس ۽ ويراڳ جي رستي سان اُن کي پنهنجي قابو ڪريو. اسان اهو نه وساريون ته اسان اندريون ۽ من جا داس نه آهيون پر اهي سڀ اسانجا داس آهن. اسانجي سيوا لاءِ پرڀوءَ اسانکي اهي سڀ نوڪر ڏنا آهن. پر اسان موڳا مٺو بڻجي، پنهنجن داسن جا داس بڻيا آهيون. انهن ڇڏون نه اندا پاڻها بڻجي ويا آهيون. هاڻي اهي نوڪر اسانجا مالڪ بڻجي، اسانکي رساتل ۾ آڻي رهيا آهن.

اڃا ڪي ويل ويئي ڪانهي. اسان پنهنجي شڪتي سڃاڻون. من جي رسي پنهنجي هٿ ۾ قابو رکي، کيس پنهنجيءَ اڇا انوسار هلايون. من کي وس ۾ ڪنداسين ته باقي پيون ڏهه اندريون پنهنجو پاڻ اسانجي وس ۾ اچي وينديون. مثال طور:-

اکيون غلط نظارن ڏانهن نهارن ٿيون. ڪن فاحش راڳ ٻڌن ٿا، جڀ چٽوڙي بڻجي ٿي. اهو تڏهن ٿو ٿئي جڏهن پهريائين اهڙيون ڀاونائون من ۾ پيدا ٿين ٿيون. پر جي من اسانجي وس ۾ آهي، اُن ۾ اهڙيون ڀاونائون نٿيون پيدا ٿين ته پيون اندريون اهڙا ڪارا ڪداچت ڪونه ڪنديون. انڪري پرڀوءَ جي واجهه ٿيڻ لاءِ،

رکڻ لاءِ مِن ڏنو اٿس. مِن بلڪل هوشيار ۽ چالاڪ آهي. اسان سڀ ڪجهه، اُنجي حوالي ڪري بي پرواهه ٿيڻجي ويٺا آهيون. مِن چڙواڳ ٿيڻجي اندرين کي آڏا اُبتا ڪم ڏئي، اُنهن کان غلط ڪم ڪرائي اسانکي اونهي ۽ اونداهي غار ڏانهن ڌڪي رهيو آهي. اندرين تي حڪم رهيو مِن جو ۽ مِن کي اسان ڇڏيو ڇڪ.

مِن جي مشابهت ڪئي ويئي آهي بانڊر سان. بانڊر نهايت چنچل آهي. بانڊر جي ڳلي جي رسي جيسين بازيگر جي هٿ ۾ آهي، تيسين بانڊر ڏاڍو سٺو طرحين طرحين ناچ تماشا ڪري حاضرين لاءِ وندر ۽ مزي جو باعث ٿو بڻجي. بازيگر کي به چڱي پئسن جي آمدني ٿي ٿئي، جنهن مان هو پنهنجي پرِوار جي اُدرپورنا ٿو ڪري. پر جي رسي ٽٽي ته بانڊر بيباڪ ٿيو وڃي. جيڪو سامهون ايندس ٿو، اُنکي ڪاٽي وٺورت ٿو ڪري. سرڪاري ماڻهو پڪڙڻ لاءِ اچن ٿا. بانڊر کي ڏنڊا جهلڻا پون ٿا ۽ بازيگر تي ڪيس هلائي، کيس سزاوار ڪيو ٿو وڃي. انگريزي ۾ چيو ويو آهي:-

ڇڪ نه ڇڏ مِن کي، ڪيس بانڊر ڪري چاڙ،
اول ڪٽائي بازيگر کي، پوءِ ٿو ڪٽائي پاڙ.

مِن کي ڇڪ نه ڇڏيو. ڏاڍو چنچل آهي. سندس اُڏام تمام تيز ۽ ڊگهي آهي. جيٽ هوائي جهاز جي به ساڻس جاءِ نه آهي. سيڪنڊن ۾ ڪٿي جو ڪٿي وڃيو پهچي. اندرين کان آهي ٿو ڪم ڪرائي، جيڪي انسان

سنگرون سان ملاقات ٿيندي .

ڀڳت :- اڄ ڪالهه ڪي مهاتمائن، جيڪو ٻه ڪانئن گهري ٿو، اُن کي آپديش ٻيا ڏين، ڇا اهي سنگرو نه آهن، سوامي .

سوامي :- اُهي سنگرو آهن يا نه، ان باري ۾ مان ڪجهه نه چوندس . مان صرف هيءَ ڳالهه ٿو چوان ته اِهو سنگرو جو لڇڻ ڪونهي ته جيڪو ٻه ڳڻو گڏجو وٽس اچي، سندس سارهه ڪري ته ٻاڻ اُن کي آپديش ڏئي ٻوت ٻوشه (ماضي - مستقبل) جو نه سوچي، شش جي ٻوگيتا نه ٻرکي، اها ٻرکيا نه ڪري ته شش آپديش جو اَڌڪاري آهي يا نه ؟

ڀڳت :- سوامي ! ٻوءِ ته مون کان وڏي غلطي ٿي وئي آهي. اسانجي ڳوٺ ۾ هڪ مهاتما آيو ، سڀئي هن کان آپديش ٻئي ويا، سو مون به ڪٿي هن کي نمسڪار ڪيو ۽ هن کان آپديش گهريو. هن مون کي سنو آپديش ڏنو ۽ ڪجهه ڏينهن مون اُن منتر جو جاپ به ڪيو پر پوءِ مون کي معلوم ٿيو ته اُهو مهاتما حقيقت ۾ هڪ پاکنڊي هو . سو اُن ڏينهن کان هن مون کي جيڪو نام (منتر) ڏنو هو، اُن مان منهنجو وشواس نڪري ويو، مون منتر جپڻ ڇڏي ڏنو. اِهو غلط ڪم ڪيم يا صحيح ؟

سوامي :- تون ٻنهنجي ان قدم جي صحيح يا غلط هجڻ جي باري ۾ شڪ ڇو ٿو رکين ؟ اِهو بالڪل غلط

سچو آنند ۽ شانتي پراپت ڪرڻ لاءِ، جڳ ۾ سڦل جيون ماڻڻ لاءِ ضروري آهي ته، من کي وس ڪجن. من آتما جو شترو ۽ پر مترو آهي. ضرورت آهي انکي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ جي. جنهن من کي وس ۾ رکيو آ، جنهن من کي جيتيو، تنهن جڳ کي جيتيو.

جگياسن لاءِ

ڪارائتا سوال جواب

(ڀڳوان ستيه سائين بابا)

ڀڳت :- تنهن جڳت ۾ ڪهڙو مارگ آهي؟

سوامي :- اهو مارگ ڏيکارڻ لاءِ ئي اسان وٽ ويد، شاستر، پراڻ ۽ اتهاس موجود آهن، انهن جو ابياس ڪريو، انهن جي ٻڌايل مارگ تان هلو، اڳتي وڌو. وِدوانن وٽان انهن جو سار سمجهو، انهن سنديش ٻڌو، انهن جي سکيا تي عمل ڪريو، پوءِ آهي گرو ڪرڻ جي، اوهان جي سهائتا ڪندا.

گرو ڪير آهي؟ گرو اهو آهي، جنهن دوارا اوهان جو من ايشور ۾ اٽڪي. جيڪڏهن توهان پرماتما کي ئي گرو ڪري مڃيندا ۽ اٽل شردا سان ساڌنا ڪندا ته ايشور توهان کي ساڪشات درشن ڏيندو ۽ گروءَ جيان اپديش ڏيندو. پا هو توهان جي ساڌنا تي پرسن ٿي، توهان تي اهڙي آسيس ڪندو، جو توهان جي پنهنجي

جنم مرڻ (٢)

(شري امرت گولاڻي، بمبئي)

١٥. موت جي ڀاري ۽ ڀار ۾ دکن کان آرام ڀاسي ٿو.

١٦. هرهڪ دم ۾ جيون ۽ مرڻ جي جنگ آهي. دم اندر اچي ته جيوت آهي. دم ٻاهر اچي واپس اندر نه اچي ته مرڻو آهي.

١٧. موت ٻن قسمن جا آهن-

طبعي- جو هر ڪنهن مٿان حاضر آهي.

ارادي- جو جيئري اختيار ڪجي.

ارادي موت جو مطلب-

پنهنجو پاڻ ۾ ٻيهي، پاڻ ۾ پاڻ گنوائي. ٻئي ٻن کان الڳ ٿي گذاري ته موت مهل اهڙي چاشني جو مزو ماڻي. ست اسٽ جي ٻـُوجهه رکڻ، صبر، شڪر، رضا ۾ راضي رهڻ، خودي گنوائڻ، من مارڻ، آتم گيان ۽ آتم وچار پائي وڪارن کان پري ٿيڻ.

١٨. صبر ۽ مات جي خوشي=آرام آهي-

ڊوڙڻ کان وڌيڪ هلڻ ۾، هلڻ کان وڌيڪ بيهڻ ۾، بيهڻ کان وڌيڪ ويهڻ ۾، ويهڻ کان وڌيڪ سمهڻ ۾، سمهڻ کان وڌيڪ مرڻ ۾.

١٩. مڙش جسم مري ٿو، انهو سوکم جيو آڪاش روپ ٿيو وڃي. پوءِ واسنا انوسار ڪيس جڳت پاسي ٿو. اهو جڳت چدآڪاش ۾ ٺهرايل آهي.

آهي. جيئن مون لوڪي هيٺ چيو ته گروهه کي شش جي اپاوسٿا جي پرکيا وٺڻ گهرجي، ائين شش کي به گروهه وٽان اپديش وٺڻ کان اڳ، هن جي اوگيتا پرکڻ گهرجي. لو پهرين غلطي اها ڪئي، جو ان ڳالهه جو ڪو به ڌيان نه رکيو ۽ اُهڙو هٺجي اپديش ورتو سگهي. گروهه اوگيه نه هوندي به اپديش ڏنو ته لو پنهنجو ورثو ڇو نه وڃايو؟ منتر جپڻ ڇو بند ڪيو؟ اها لو ٻي غلطي ڪئي. هيءَ جي گهٽتائي (اوگيتا) لو پوري اشوري نام ٻي مڙهي. اپديش وٺڻ کان اڳ لوڪي گروهه کي ساڍا ستيه سان ڏسڻ پرکڻ گهرجي ها، هن لاءِ پنهنجي من ۾ پکو صدق، پڪي شرڌا قائم ڪرڻ گهرجي هئي. جڏهن ائين پنهنجي من ۾ هن کي گرو ڪري قبولڻ جي چاهنا جاڳي ها، ان بعد لوڪي هن کان اپديش وٺڻ گهربو هو، پر هڪ دفعو منتر ورتو ته کڙي به ڪنهن پيدا ٿيندي به، ان منتر کي ٻي جپڻو آهي، منتر جو تياڳ اصل نه ڪرڻو آهي. ٻيءَ حالت ۾ لون اهي غلطي ڪرڻ لو. جوڳي سوچ ويچار کانسواءِ منتر قبولڻ ۽ وري جوڳي سوچ ويچار کانسواءِ منتر جو تياڳ ڪرڻ، اهو پاپ پنهنجي سر تي چڙهندو. جيستائين پنهنجي من ۾ ڪو به شڪ آهي، تيستائين لوڪي نام قبولڻ نه گهرجي. پر هڪ دفعو ڪو به نام ورتو، قبول ڪيو ته پوءِ اهو لوڪي ڪنهن به حالت ۾ ڇڏڻو ناهي.

انيءُ جو آدر (٢)

(سوامي رام سُک داس مهاراج)

اُڌار ڪيئن ٿئي؟

سنسار ۽ پرماتما ٻئي الڳ الڳ آهن. اُنهن جي جدائي، صاف آهي. اهڙيءَ طرح شرير ۽ آتما جو سروپ الڳ الڳ آهن. اها جدائي مٽجي نٿي سگهي. اها ٻنائي شروع کان آهي ۽ هميشه رهندي. انهيءَ کي جاڻڻ لاءِ ڀڳوان گيتا (١٣-١٩) ۾ پرڪرتي پرش ٻنهي جاڻڻ جي پراپٽا ڏني آهي ۽ گيتا (١٣-٢٣) ۾ اهڙيءَ طرح الڳ الڳ جاڻڻ جو ڦل ٻڌايو آهي. انسان انهيءَ ڄاڻ جو آدر ڪونه ٿو ڪري، انهيءَ کي اَهميت نٿو ڏئي. شرير کان مان الڳ آهيان، انهيءَ ڳالهه کي هو قيمتي نٿو سمجهي. انهيءَ انيءَ کي رد ڪري رکيو اٿس ۽ شرير سان ايڪتا مڃي ٻڌل آهي. شرير سان ايڪتا هيستائين ڪوئي نه ٽڪي رکي سگهيو آهي ۽ نڪي اڳتي رکي سگهندو. اها ڳالهه ڀڳوان ارجن کي گيتا جو اُپديش شروع ڪرڻ وقت ٻئي اڌياءَ جي ٻارهين شلوڪ ۾ چئي آهي ته ”ائين ناهي ته مان اڳي ڪونه هوس، تون اڳي ڪونه هئين، هي راجائون اڳي نه هئا يا هن شرير کان پوءِ تون نه رهندين، مان نه رهندس ۽ راجائون نه رهندا.“ پهرين تون، مان ۽ هي راجائون سروپ کان

۲۰. مرڻ کان اول مرون ۽ مري پوءِ جيئون. اَندر ٻيءِ
مارئون ته موت کي ڪاٽي ڪپائي سگهنداسين. ترت
موت سزا ڪاٽيندو رهي ٿو ۽ هڪ واريءَ موت
مات ٿيو ته اسان قيام نه ٿينداسين مات.

جيئري مئا جي، موٽي مرندا ڪين ڪي،
سچ مليا سي، جي مرڻ کان اڳي مئا.

شري سنت سائين بابا فرمايو:

”گيتا ۾ چيل آهي ته لوڪ سيوا ئي آتم سيوا آهي، لوڪ سيوا ئي سڦل ساڌنا آهي. توهين ان جوابداريءَ کان ڇٽي نٿا سگهو. توهان جنهن جاتيءَ ۾، سماج ۾ جنم ورتو آهي، ان جاتيءَ يا سماج جي سيوا ڪرڻ سان ئي توهان پنهنجو آپو، خودي ختم ڪري، پنهنجي رکيا ڪري سگهو ٿا.

ساڌنا ڀاءَ سان ڪيل سيوا سان سڦلتا ايندي آهي. خود اوتار به پنهنجي جيون ۾ سيوا کي اول اهميت ڏيندا آهن. رشي نارد جي صلاح سان ڌرمراج (يڌشٽر) جڏهن پنهنجي پتا جي نمت راجسوءِ يگيه ڪيو ته ڀڳوان ڪرشڻ به، اُن يگيه ۾ شريڪ ٿيڻ آيو ۽ چيائين ته مون کي سيوا جو ڪم ڏيو ۽ هن پنهنجي لاءِ اهو ڪم چونڊيو، جو يگيه جي سلسلي ۾ روز جن هزارين ماڻهن کي ڀوڄن ڪارايو ويندو هو، تن جون جوٺيون پاتلون ميڙڻ هن پاڻ تي هموار ڪيو. سيوا لاءِ ايڏو پريم هئڻ سبب ئي هن کي هر ڪنهن وٽان ٻگ پرش جو، پرشوتم جو مان مليو.“

شرير جي سک کي سک، مڃڻ ڀرم

شرير جي سک مان اسان سک وٺون ٿا پنهنجي پاڻ کي سکي انڀو ڪريون ٿا. شرير جو مان ٿيڻ سان پنهنجو مان مڃون ٿا. ان جي وڏائي ٿيڻ سان پنهنجي وڏائي مڃون ٿا. شرير جو آڌار، اسانجو آڌار، شرير جو اپمان پنهنجو اپمان مڃون ٿا. پر شرير کي ڪوئي پنهنجي چوي ته توهانجو ڪجهه به بگڙي ڪونه ٿو. هڪ ڏينهن هن شرير کي ماڻهو جلائي ڇڏيندا، توهانجي سروپ جو ڪوبه حصو جلندو ڪونه. سروپ ناس ڪونه ٿيندو. سنسار اپمان ڪري، نندا ڪري، دک ڏئي، شرير ٽڪر ٽڪر ڪري ته ڇا؟ انهيءَ ڪري گيتا ۾ چيو ويو آهي :-

यस्मिन् स्थितो न दुःखेन गरुणापि विचाल्यते । (६-२२)

پنهنجي "تمام ڀاري دک سان اهو پرش چلائمان ڪري نٿو سگهجي."

شرير کي ٻڙا ٿي سگهي ٿي، پراڻن کي دک ٿي سگهي ٿو، منهوشي اچي سگهي ٿي، پر مون کي دک ٿئي، اهو ممڪن ناهي. مهان آنند انهيءَ ۾ آهي. روپن جي ماڻ ٿي انترو آنند ڪڏهن به ٿي نٿو سگهي. روپن کي ته اسان آدر ڏيون ٿا پر انهيءَ ڳالهه ۾ انيڪو جو ڪريون ٿا نرادر. شرير ۾ توهان به آهيو، انهيءَ ۾ شڪ آهي ڇا؟ شرير سان هڪ ٿي، شرير جي دک ۾ دک ۽ انجي سک ۾ سک ڏسڻو، اهو ڪرپا ڪري نه

نسبتي آهن. شرير سان گڏ اسان ننڍا ٿيون. ڀڳوان
جي چيل انهيءَ ڳالهه جو ته پنهنجي انهن جو اسان آدر
ڪريون ته هو نه اسان جو هڪدم اڌار ٿي وڃي.

شرير ۽ سنسار هڪ آهي. مان ۽ پرماتما هڪ آهيون.
مان ۽ پرماتما ڪهڙيءَ طرح هڪ آهيون، انهيءَ باهت
متڀيد آهن. دويت مت وارا چالي هڪ ٿيئن ٿا.
ادويت کي ڏيکارڻ سروپ سان هڪ ٿيون ٿا پر سنسار
سان اسانجي جاتي روپ ۾ يا سروپ جي روپ ۾ ايڪتا
ڪانهي، انهيءَ باهت سڀيئي ايڪراءِ آهن ته سنسار سان
اسانجو سنبنڌ بلڪل ڪونهي. انهيءَ باهت سڀيئي فلاسافر
ايڪراءِ آهن. شنڪر آچاريه، رامانج آچاريه، نمبارڪ
آچاريه، ماڌو آچاريه وغيره جيترا به مهاپرش ٿيا آهن،
انهن ڪڏهن به شرير سان پنهنجي ايڪتا نه ڏني آهي.
پرماتما سان اسانجي ايڪتا آهي. دويت، ادويت،
وششٽ ادويت، شڌ ادويت، دويت ادويت، اچنتيا
ڀيد وغيره نالن سان جيو-پرماتما جي سنبنڌ ۾ ڀيان
ڪيو ويو آهي پر پرماتما سان جيوَ جو گهرو سنبنڌ آهي،
انهيءَ ۾ ڪو فرق ڪونهي. چاهي پرماتما ۽ جيوَ ڀن
آهن يا هڪ آهن. پنهنجي هڪ ٿي مت واري ڳالهه
ڏيو. اسان شرير ۽ سنسار سان هڪ نه آهيون. اسان
ته پرماتما سان هڪ آهيون، اهو ئي اسانجو آهي.
اهو ئي اصلي گيان آهي. انهيءَ کي مضبوطي سان ڌارڻ
ڪرڻو آهي. انهيءَ ۾ اڙڪ ڪهڙي آهي؟

سريمد ڀڳوت گيتا فقط انهيءَ تي هلي ٿي.

नत्वेवाहं जातु नासं न त्वं नेमे जनाधिपाः । (२-१२)

يعني ”نڪي مان ناس ٿيان ٿو ۽ نه تون ۽ نه هي راجائون.“

هن شلوڪ ۾ سڀني ماڻهن جي آتما جو ئي بيان آهي. شرير ۽ شرير وارو يا ديهه ۽ ديهه وارو ٻنهي کي الڳ، الڳ ٻڌايو ويو آهي. هن پرڪرڻ جي سماپت ٿيڻ تائين، ٽيهين شلوڪ تائين اهائي ڳالهه ڀڳوان چوندو رهيو، ڇاڪاڻ ته اها مول ڳالهه آهي. انهيءَ سان ارجن جو شڪ ڪٽيش ڪيو اٿس. ڀڳوان چوي ٿو ته شرير سدائين بدلجڻ وارو آهي ۽ شرير وارو ڪڏهن به ناس ٿيڻ وارو ڪونهي. اهڙيءَ طرح ڄاڻڻ تي شڪ ٿي نٿو سگهي. هاڻي اسان ڏسندڙ جو ناس ٿئي ته شڪ ڇو ٿئي؟ آتما سڀ ۾ رهندو ته ان ۾ شڪ ڇاجو؟ جنهن جو ناش آهي. هاڻي شڪ ڪهڙيءَ ڳالهه جو؟ هڪدم سڌي ڳالهه آهي؟

پرماتما جو سنسار ۾ رهندي به ان سان ڪو به سنٻنڌ ڪونهي. سنسار سڀ جو سڀ الٽ پلٽ ٿي وڃي ته پرماتما جو ڪجهه بگڙي ڪونه ٿو. توهان جهڙا آهيو، اهڙا ئي رهندا. ڪوڙن جو سنگ ڪيو ٿا، تڏهن جنم مرڻ آهي. ڪوڙن جو سنگ ڇڏيو، پوءِ جنم مرڻ آهي ئي ڪونه. ڪوڙن سان سنٻنڌ مڃيو اٿو، نه مڃيو ها ته اهو سنٻنڌ مٽجي وڃي ها، هڪدم سڌي ڳالهه آهي.

ڏيو. چون ٿا ته ظاهر ظهور ڏسجي ٿو، مڃون ڪٿان
نه؟ ڏسڻ ۾ اچي ته ٿو اچي پر مڃو نه، درشٽيءَ ۾
مٿهن ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر انهيءَ مٿهن کي درشٽيءَ ۾
مڃو ٿا ڇا؟ درشٽيءَ ۾ مٿهن ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اُن
کي پڪڙيو ته سهي! پڪڙي نه سگهندا. ڏسڻ ۾ اچي
ٿو ته آئي ڪجهه به ڪونهي. اهڙيءَ طرح شرير جي دک
سک کي ڀوڳيو ڪڏهن نه مڃو. ڪرپا ڪري ناٿ،
اهڙي ڳالهه مڃو.

مان شرير آهيان، اهو درشٽيءَ ۾ ڏسڻ وانگر
ڏسجي ٿو پر آهي ڪونه. شرير کان الڳ آهيان. جيڪڏهن
شرير ۾ توهان هڪ ٿيو ٿا ته شرير سان گڏ توهان هٽي
وڃو ها. پر شرير هٽي ٿي پيو رهي ٿو ۽ توهان هليا وڃو
ٿا! جيڪڏهن توهان هڪ هجو ها ته شرير توهان سان
گڏ وڃي ها. انهيءَ مان صاف آهي ته توهان ۽ شرير
هڪ ڪين آهيو. جيئن مان مڪان ۾ ويٺو آهيان ته
مان هڪ مڪان کان الڳ ٿيس. مڪان هٽي ٿي رهي
ٿو. مان مڪان کان سواءِ الڳ رهان ٿو ته مان ۽ مڪان
هڪ ڪيئن ٿياسين؟ اسان مٿل پڻ ۽ ماڻهن کي ڏسون
ٿا. شرير پيو آهي ۽ اُن ۾ رهڻ وارو هليو ويو ته الڳ
الڳ ٿي ويا. الڳ الڳ هاڻي ڪونه ٿيا آهن. اڳ
کان ئي الڳ هئا. اهڙي ڳالهه ڪانهي ته اڳئين ڏينهن
تائين ته هڪ هئا، هاڻي الڳ ٿي ويا، آهي سدائين
کان الڳ الڳ آهن.

مان نقصان کان سواءِ ڪجهه ڪونهي. نقصان جي اهڙيءَ ڳالهه کي به نه ڇڏينداسين ته ڇا ڇڏينداسين؟ پرماتما جي پراپتيءَ کان وڌيڪ ٻيو لاڀ آهي ئي ڪونه. مان شرير ناهيان، مان پرماتما جو آهي، اهو ئي سار آهي. سنسار مان سک وٺڻ جي اڇا ئي خاص اٽڪ آهي. ڪامنا جو سروپ آهي ته مان جيئن چاهيان تيئن ٿئي. پنهنجي من جي انڪولتا پدارٿ، شخص، حالت وغيره جي ڪامنا، ڌن جي ڪامنا، مان جي ڪامنا، پٽن جي ڪامنا، مڪان جي - زمين جي ڪامنا، اهڙي قسم جون ڪامنائون ڏسجن ٿيون. مول ۾ ڳالهه اها ئي آهي ته پنهنجي من جي ٿئي. انهيءَ بجاءِ اها ڀاونا ٿئي ته پنهنجي من جي نه ٿئي، ڀڳوان جي من جي ٿئي، سنسار جي من جي ٿئي ته هوند اسان نهال ٿي وڃون، انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي.

ڀڳوان جي من جي ٿئي، اها ڀڳتي ٿي. سنسار جي من جي ٿئي، اهو ڪرم يوگ ٿيو. مان ڪنهن سان ڪو سنبنڌ ڪونهي يا من ۾ ماڻهو ٿي نه رهي، اهو گيان يوگ ٿيو.

يوگ درپڻ:- آسڻ ۽ مدرائن جو چترن سان بيان.
قيمت چار رپيا.

ملڻ جو هنڌ:- آتم درشن پرڪاشن منڊل
نواب ڪا بيڙا، اجمير

توهان جو روح نئين ۽ نرنتر (لڳاتار) آهي. شرير روح وارو ڪرنهي. اها سڌي ڳالهه آهي. اها ڳالهه ٻڌڻ ۾ صاف ڄاڻڻ ۾ اچي ٿي. هر ڪو سوڪار ڪري ٿو، پوءِ به اها وهي نٿي، انهن نه مڃيو. اها ڪڏهن وڃي نٿي سگهي، چاڪاڻ ته سچي ڳالهه آهي. پاڻ رهي پيا نه رهي. پهرائين ٻڌائيندڙ ليڪشهه ڪونه هو. هاڻي ليڪشهه ٿي ويو. اهو تفاوت پئجي ويو. اڳ به ڳالهه اهڙي ئي هئي. هاڻي به اهڙي ئي آهي. صحيح ڳالهه صحيح ئي رهندي، اها پاڻ اٿي رهي. نه رهي. پاڻ نه روح سان ڇا ٿيو؟ هيءَ ٿيو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پاهر هليا ويو ته ٿيو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ته ٿيو منجهي ويو ڇا؟ جيڪا ڳالهه صحيح آهي، اهائي رهندي. جون ٿا ته پوءِ اٽڪ ڪهڙي آهي؟ اٽڪ اهائي آهي ته انهن کان سک وٺي رهيا آهيو، اهائي خاص اٽڪ آهي. هاڻي انهن کي سک ڏيڻ شروع ڪريو. هيترا ڏينهن ته سک ورتو، هاڻي سک ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيو ته نهال ٿي ويندا.

اٽڪ ڪهڙي؟

”ڌن موهن کي ملي وڃي، خوب آرام ۽ مان وڏائي موهن کي ملي وڃي“، اهائي وڏي اٽڪ آهي. انهيءَ سان ملندو ڪجهه ڪين. مان، وڏائي، روپيا، آرام هڪ ته ملندو ڪونه، ملندو ته ٽڪندو ڪونه. ٽڪندو ته توهان جو شرير نه رهندو. وڇوڙو اوس آهي. اُن

آها ڀڳتي حقيقي اڻهجي سگهي ٿي. سچي پراڻن لاءِ هڪ جهڙو پريم ئي ڀڳت جي سچي نشاني آهي. ٻوري ۾ اِهن ڏٺي ڇڏجي ته ڀڳت لاءِ جيون پريم آهي ۽ پريم ئي جيون آهي.

ساري ڪائنات جي جيون ۾ جدا جدا پريم جون ڀاونائون موجود رهن ٿيون. جهڙوڪ ٻارن لاءِ، ماتا پتا لاءِ، هندي ڪاڏي ڀيڻي، سک ۽ مترن جو پريم ۽ ڏيان هرهڪ ساڌارڻ منش ۾ ته رهي ٿو. جدا جدا نمونن جو جهن وستن ۾ موهه ۽ لڳاءُ رهي ٿو، اُن ئي جدا جدا نمونن جو ڀوڳيتا انوسار نالو رکيو ويو آهي. ٻارن لاءِ سنهه، ڪي آڪير ڪري چيو ويو ٿو. جيون ساٿي، استريءَ لاءِ پيار کي محبت ڪري سڏيو ويو ٿو. جيڪڏهن ڪنهن غريب لاءِ پيار آهي ته اُنکي همدردي چئجي ٿو. پنهنجن هڪ جهڙن لاءِ پريم کي مترتا يا دوستي سمجهيو وڃي ٿو. ڪنهن جڳهه يا وستوءَ لاءِ موهه کي لوڀ ڪري چئجي ٿو. جڏهن اهو پريم بزرگن، اُستاد يا گروءَ لاءِ آهي ته اُنکي شرڌا يا نمرتا چيو وڃي ٿو. پر ڀڳتيءَ جو شبد صرف ڀڳوان جي پريم لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. ڀڳت جڏهن اُن پريم کي جدا جدا ڌارائن ۾ وهائي، الڳ الڳ دشائن ۾ ۽ وستن طرف وهائي ڇڏيندو ته منش کي ڪشٽ يا دک پراپت ڪرڻو پوي ٿو ۽ هو ناسونت ۽ ڪڻ ڀنگر وستن ۾ پاڻ کي لڳائي ته اُنتيءَ جي قدم کان پاڻ کي محروم

شرڌا ڳنڌيءَ ڀريل ڀڳتي

(شري شانتي سروپ اي. ڳلاڻي، ممبئي)

ڀڳونت ۾ شرڌا ڳتيءَ سان ڀريل ڀڳتي ئي سچي ڀڳتي آهي. شرڌا ڳتي سرڀر، مَن ۽ واڻيءَ کي اُمنگ سان ڀري ٿي ڇڏي. اُنهيءَ ڳالهه ۾ وشواس هئڻ ڄڳائي ٿي، ڪرپا، ڪرم ۽ ڪرپا نيٺي پرماتما جا اَنش آهن. واس وڳي ۽ واڻيءَ سان ڀڳتيءَ جو سمبنڌ ڪونهي. ڀڳتيءَ اَندر جيڪا جاڳرتي آهي، اُنهيءَ جو وچارن ۽ ڀاونائن هلت چلت سان لاڳاپو ڪرائي. شڌ ڀاونائون ئي سچيءَ ڀڳتيءَ جو آڌار آهن.

جيڪڏهن ڀڳت پنهنجي ئي اُنتيءَ جو خواهشمند آهي ۽ ٻين جي ڀلائيءَ ۽ سيوا جو اونو نٿو ڌاري ته هو سچو ڀڳت ڪوٺجڻ لائق ناهي. پرماتما جي سرو وياپڪتا سان ڀريل ڀاونا واري ڀڳتي ئي سچي ڀڳتي آهي.

ڀڳتي اهڙي وستو ناهي، جا ڪٿان ٻاهران گهرائي سگهجي، نڪي ڪنهن کان وٺي ٿي سگهجي. اها ته پرماتما لاءِ نهشوارٿ پريم، منش جي اَنتهڪرڻ ۾ سمايل آهي. منش جي اَندر ۾ جيڪو پريم جو جوهر سمايل آهي، اُنکي ٻيا روڪ ونڊت ٻاهرين دشائن ۾ وهڻ نه ڪجي، پر اُنکي ٻيا رڪاوٽ ڀڳوان طرف وهڻ ڪجي. تڏهن

ڪريو ٿا ڪروڌ ٻڙو!" سقراط ڪلي شش جي پٺي ٺپري، سمجهه
وچڙن چيو، "پٽ! پنهنجي بدشڪل هئڻ جي چنتا
ني مونکي خبردار رکي ٿي. جڏهن ڪنهن وقت هن ۾
ڪمي اچي ٿي ته جهٽ سان آرسيءَ ۾ پنهنجو چهرو
ڏسندو آهيان." شش چيو، "ڪروپتا جي چنتا ماڻهوءَ
۾ گهٽتائيءَ جو ڀاءُ پيدا ڪري ٿي ته ڪروڌ ٻڙو؟"

سقراط جواب ڏنو، "انسان ڪمزورين جو پتلو
آهي. ماترا ۾ مان به انهيءَ کان مٿي نه آهيان،
جو مان پنهنجي بدصورتيءَ جي دک ڪري روئان
ڪونه ٿو، هميشه اها ڪوشش ڪندو آهيان ته
سٺا ڪان سٺا ڪارنا ڪريان، جيئن منهنجي بدصورتي
ان ۾ لڪجي وڃي." شش ٻئي تي ٻيو سوال ڪيو،
"پر جن کي ايشور جي مهر سان جي ماڻهو سندر آهن،
انهن کي آرسي نه ڏسڻ گهرجي."

سقراط جواب ڏنو، انهن کي به هميشه آرسيءَ ۾
پنهنجو منهن ڏسڻ کپي، پٽ!" "انهن ڇو؟" شش
جاڻڻ چاهيو. سقراط سمجهائيندي چيو، "آرسيءَ ۾
پنهنجو منهن ڏسندي هنن کي هيءَ سوچڻ
گهرجي ته هو سرير روپ ۾ جهڙا سندر آهن، اهڙيءَ
ريت انهن جو من به ته اهڙو ئي سندر هجي. سرير جي
سندرتا ۽ خوبصورتي قدرت تي منحصر آهي پر من کي
سندر بڻائڻ ته انسان جي همت ۾ آهي."

(شري نارائڻداس. ايچ. چانڊواڻي، دهلي)

رکيو پوي ٿو. انهيءَ ڪري مناسب ته ڪجهه لاءِ انهن ئي آهي ته هو پنهنجي پرام جو وڏڪرو هڪ چڪر پکوان جي ڪروٽا-ساگر طرف وڃائي. اهڙي قسم جي ساڌنا کي ئي پڪي ڪري چئجي ٿو. سنسار جي لوڀاڻي ڏيڻ ۾ پنهنجي جيون ورتف وڃائڻ کان پڪت گمڀيرتا سان پاسو ڪرڻ کپائي. انڪري جي سمجهه کي طرف موڙ ڪائي، ڪوشش ڪرڻ سان پڪت ست چت آنند کي پراپت ڪري سگهندو. ڪهڙي نه پولر آهي اها پراپتي! اُن ۾ ڪهڙو نه پرام-مئي پرم آنند سمال آهي!

سقراط ۽ آرسي

مڃهند جو سقراط پنهنجي اڪانت ڪمري ۾ ويٺي آرسي ڏسي رهيو هو ته اتري ۾ هڪڙو هڪ پيارو شش ڪمري ۾ داخل ٿيو. گروجيءَ کي آرسيءَ ۾ منهن ڏسندو ڏسي شش مشڪيو. شش جي مشڪڻ جي ڪارڻ سمجهڻ ۾ پڏمان سقراط کي ذرا به دير نه لڳي. شانت سر ۾ چيائينس، "پٽ! تون شايد اهو سوچي کلين پيو ته مون جهڙو بدشڪل ماڻهو به آرسيءَ ۾ منهن ڏسي ڪهڙيءَ شيءِ جي پرکا ڪري رهيو آهي. ڪهڙي؟"

چوري پڪڙجڻ ڪري شش جو سر شرم کان هيٺ جهڪي ويو. ڏاڍي نواڻ سان ڪيائين، "اپراڌ معاف

آپو ڇڏي، ارداس ڪر

(شري ساڌورام آتمارام ڪلواڻي، بڙودا ٣)

قدرت جو هڪ اٽل نيم آهي ته جنهنجو جنم ٿيو آهي، انهنجو مرڻو ضرور ٿيڻو آهي. پر سوال آهي ته انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڇا ٿو ڪري. مهاپرش نيڪ ڪارج ڪري، ايشوري جوتيءَ ۾ ٿا سمائجي وڃن، جنهن مان اپجيا آهن. نيڪ ڪارج ڪري جيون گذارين ٿا. نيڪ ڪارج، آهي ڇڏيا وڃن ٿا، جنهن ۾ "مان مان" آهي ڪين. جنهن ۾ آپو ناهي، اهو امر آهي. سنسار ۾ نه هوندي به زندهه آهي. سندس هر جاءِ ڳڻ پيا ڳائجن.

ماڻهو مال ملڪيت سان وڏو نٿو ٿجي پر سٺن گڻن ۽ اوچ وچارن سان. ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان ڪمائي ڪري، همت پالڻ ڪرڻ منش جو ڌرم آهي. سچ جي پالڻ ڪرڻ واري منش جي ايشور پالنا ڪري ٿو. سچي سک ڀري زندگي گذاري ٿو. پنهنجي فرض ادائي نڀائي ٿو.

"ساڌل" ساڌي سائين سمئي ۾، سڀ سک ڪر اپڪار،
رهي منيءَ مانت ۾ .... وٽرت ٿون نه اچار.

اسان مان هرهڪ کي ياد رکڻ جڳائي ته ايشوري

اوتار ليلا

(سوامي رامڪرشن پرمهنس جو اُپديش)

آدِي شڪتيءَ جي سهائتا سان "اوتار ليلا" آهي يعني آدِي شڪتيءَ سان اوتار- منش ديهه ڌاري ايشور اوتار وٺي ٿو. هو (ايشور) سڀني پراڻن ۽ سڀني جڳهن ۾ (هر ڪنهن ۾، هر هنڌ) پراجمان آهي پر پنا اوتار جي انسان جي پورتي ۽ ضرورتن جي پورتي لاءِ ڪانه ٿي ٿئي.

ايشور ليلا، ديو ليلا، نر ليلا ۽ جڳت ليلا- اهي چار ليلائون آهن. نر ليلا ڪهڙي آهي؟ جهڙي ڇت جو پاڻي ناليءَ جي اندران ٿي زور سان هيٺ ڪري ٿو. اهو سچدانند پنهنجي شڪتيءَ روپي ناليءَ جي اندران هيٺ اچي ٿو. اوتار کي سڀئي ماڻهو سڃاڻي ڪونه ٿا سگهن. اوتار کي ڏسڻ ۽ ايشور کي ڏسڻ هڪ ئي ڳالهه آهي، جو نت آهي، انهيءَ جي ليلا ڀڳتن لاءِ آهي. ايشور کي منش روپ ۾ ڏسي سگهڻ سان ئي ڀڳت، ڀڳوان سان پريم ڪري سگهندا ۽ انڪري ئي هو ڀڳوان کي ڀاءُ، ڀيڻ، ماءُ، پيءُ، پٽ، متر وانگر پيار ڪري سگهندا. ايشور پنهنجي ڀڳتن جي پريم ڪارڻ منش ديهه ۾ ليلا ڪرڻ اچي ٿو.

(انوادڪ: شري ڪرپالداس جگياسي، الهاسنگر)

مڪتيءَ جي لائق ٿئجي، ونڪت ڌام وڃي ٿو. مالڪ سان ملي هڪ ٿئي ٿو. وري ورندو آهي ڪين، هن ڀوساگر ۾، هن سورن ڀرئي سنسار ۾.

خواهش

(شري رام لعل دوارڪاداس پاڻي)

انسان جي دکن ۽ ڏکڻين جو سڀ ڪارڻ آهي خواهش يا ڪنهن شيءِ حاصل ڪرڻ لاءِ لڪي امنا. جن جون گهرجون حد اندر آهن، سي سکي ۽ سنتوشي ٿا رهن. اها نڪري خواهش ئي آهي، جا منش کي ٻي چئن ٿاڻي ٿي.

اچو ته ٿورو غور ڪري ڏسون ته اسانجون گهرجون ڪيئن اڀرن ٿيون. ٻهرانين اندر ۾ چاهنا جاڳي ٿي ڪنهن پدارٿ حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ پوءِ اُن لاءِ ڊڪ ڊوڙ شروع ٿئي ٿي. اهو سڀاوڪ آهي ته هرڪا خواهش پوري نه ٿي ٿئي. پوريءَ نه ٿيڻ جي حالت ۾ ڪڏهن دکي ٿو ٿئجي. پر سمجهو ڪٿي ته دل گهريو پدارٿ چاهه مطابق حاصل ٿيو هجي، تڏهن به ٿوري وقت گذرڻ بعد ڏسڻ ۾ ايندو ته جنهن چيز لاءِ محنت ڪئي ويئي هئي، انهن کان ڪجهه وقت کان پوءِ من ڪٿو ٿي ٿو وڃي ۽ اُن ڏانهن اک ڪٿي به نٿو نهارجي. پوءِ جلد ٿي ٻئي پدارٿ ڏانهن من ڇڪجي ٿو وڃي. اتفاق سان اگر دلپسند چيز سندس هٿن مان کسڪي ٿي وڃي، تڏهن

ڌيان انسان ذات لاءِ هڪ سهارو آهي. "ماٺ" ايشور جي ٻولي آهي. هڪ جهاز آهي، جو سنسار روپي ساگر مان پار اُڪاري ٿو، سائينءَ در پهچائي ٿو.

اڄ چوڌاري اشانتي آهي. اشانتيءَ سان ڀريل زماني ۾، انسان ذات حيرانيءَ ۾ آهي، ڪشٽن ۾ آهي. پر ايڪانت، سانت ۽ ايشوري ڌيان ۾ عجيب شڪتي آهي، جنهن جي ڌارڻ سان دنيا جون سڀ تڪليفون دور ٿين ٿيون ۽ من کي اپار شانتي ملي ٿي. من جو هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ رهي ٿو ڪين ۽ آنند ساگر ۾ ٻڏو ترندو ۽ ٽڙڳندو آهي. "مان مان" وڃي ٿي، نام جو پرڪاش ٿئي ٿو. جنهن پرڪاش ۾ ستيه ۽ اَستيه جي ڄاڻ پوي ٿي. جيو ستيه مارگ ۾ رهي جيون گهاري ٿو، آنند ماڻي ٿو.

ستيوادي، ستيه مارگ ۾ رهندي، سچا انسانيت ڀريا ڪرم ڪري ٿو. ڪرم آهي سچا، جي ايشور جي چرڻن ۾ پهچن (شري ڪرشن ارپڻ). ڪرم آهي سچا، جن ۾ ڪابه اِڇا ڌاريل نه هجي. ڪرم آهي سچا، جي ايشور جي پيار ۾ ڪجن، ايشور کي پيارا لڳن ۽ نه توکي يا مونکي. نسوارٿي، سچا ڪرم ٻڌن ۾ وجهن ٿا ڪين، آتما رهندي آهي آزاد. ان آزاديءَ ۾ سچو گيان حاصل ٿئي ٿو. پوءِ ڦرڻو ڪين رهي ٿو. "مان مان" دوريءَ تي رهي ٿي. جنهن ۾ "مان مان" "منهنجو منهنجو" ناهي، اهو انسان آزاد آهي، مڪت آهي.

"آتم درشن" لاءِ سهائتا

شري نوبتداس راجڀراڻي، ممبئي — ٥٠٠ روپيا
("سک جي راهه" ڪتاب ڇپائڻ لاءِ)
شريمتي مايا سامتاڻي، لاس انجلس — ١٠٠ "
سوامي ليلاشاهه سنڌي ڌرمشالا، متڙا — ٧٥ "
لائيف ممبر:- شري شوهم ڪارمنس دهلي.

سوامي ليلاشاهه وشو شوا منڊل، اجمير

هيٺين پريمين منڊل کي غريب پريوارن ۽ وديارٿي سهائتا ڏيڻ لاءِ دان موڪليو آهي. ڌنيواد. اهي اڳي ڪم هميشه لاءِ هلندا رهن، ان لاءِ ضروري آهي ته گهٽ ۾ گهٽ اڌ لک روپيه فڪسڊ ڊپازٽ ۾ هجن ۽ انهيءَ وياج مان ڪم هلندو رهي. انڪري سوامي جن جي پريمين کي آدر ڏيئي ساڻ سهائتا موڪلڻ گهرجي.

شري پرڪرداس. جي. جاڪرتا — ٥٠٠ روپيا
شري دان پنڊو سماج ٽرسٽ، ممبئي — ٣٠٠ "
ڊاڪٽر ڪي. ٽي. عالمچنداڻي، اڪولا
پنهنجيءَ ماتا ٽيجي ٻائيءَ جي پونر ياد ۾
سنڌس ايءَ ورسيءَ تي — ٢٤٠ "
پي. ايم. سي. للساڻي، پونا — ١٠٠ "
شري نارائڻداس چاندواڻي، دهلي — ٢٥ "
گپت، جاڪارتا — ١٠٠ "

شيوا ۾:- ديوچند ر ٻملاڻي
سيڪريٽري

۽ من جي دک جو ڀار نٿو رهي.

اهڙيءَ طرح من جي خيالي پدارٿن جي چاهنا ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ ۾ گذرندي ٿي رهي. من جي دکن ۽ سکن جي زنجير چاهنائن سبب قائم رهندي ٿي اچي، جا اڻ ٽٽندڙ ٿي رهي.

اهو سچو شاهوڪار آهي، جنهنجون گهرجون گهٽ آهن. اهو شاهوڪار ۽ سچو آهي، جو چاهنائن جو غلام نه رهي. چاهنا جو ٻيو نالو آهي ترشنا. ترشنا جي ترپتي ٿيڻ مشڪل آهي.

اڇا جهڙي بک ڪانهي ۽ سنتوش جهڙو ٻيو خزانو ڪونهي. اڇا جي آگ شروع ٿيڻ سان وڌي ٿي وڃندي. هڪڙيون مرادون حاصل ٿيڻ سان ٻيون اڀرڻ ۾ ٿي بس ڪين ٿيون. دنيا ۾ جا جهيڙا اڇائن جي آڌار تي ٿين ٿا. سچو ڀاڳ ان کي آهي، جنهن جون گهرجون ٿوريون آهن ۽ نه جهيڙيون آهن. سوامي رام ڪرشڻ، سوامي رام تيرٿ ۽ سوامي ويوڪانند تڏهن ناميارا ٿيا، جڏهن هنن جون گهرجون بلڪل ٿوريون هيون، اهي پنهنجا سچا متر هئا. چاهنائن کي حد اندر رکڻ سان سک ملي ٿو ۽ انهن کي وڌائڻ سان من اندر مانڌاڻ مچي وڃي ٿو، جو سک سمهڻ نٿو ڏئي.

سوامي ليلاشاهه واڻي انگريزيءَ ۾ ٽي ڀاڱا ڇپجي ظاهر ٿيا آهن. قيمت لاڳت ماتر سوا چار روپيا.

دادي ڪرشنا ديوي سهائتا فنڊ

شري سروومل چڳاڻي	٥٠	روپيه
شري هرياش چڳاڻي	٥٠	"
شري تلسيداس لالواڻي، نرمال	٥٠	"

پريا آشرم

شريمتي سيتا سامتاڻي، لاس اينجلس	٦٠٠	"
شري چندديو بيلاڻي، بمبئي	١٣٢	"
شريمتي لڪشمي اسراڻي	١٠٠	"
شريمتي پدماوتي سوماڻي، جئپور	٣٠	"
گپت	٢٥	"
پرڀو پگونتي، گانڌي ڌام	٢١	"
شري ڪندومل ندواڻي	٢٥	"

ٽرسٽ جي جنرل ڪمن لاءِ

شري نارائڻداس مرچنداڻي، دهلي	١٠٠٠	"
ديپچند بيلاڻي	١٥٠	"
ڪماري وندر ڪرپالاڻي	٥٠	"

ٽرسٽ جو سالانو چندو ٥٠ روپيه هيٺين کان مليل آهي: سرو شري ٻاٻا ڪنور شيوارام تلوڪچند، گھنشيام سنگھ ارجنداڻي، ڇبلداس ڪلداڻي، ايشور ناراڻي، پرڀو ليلاوتي آتمچنداڻي، پرڀو چندرا ڀوڄا.

شيوا ۾ :- ديپچند بيلاڻي
مئنيجنگ ٽرسٽي

شري رامڪرشن ڌرمارٿ ٽرسٽ

ٻريو محلا، نواب جو ٻيڙو، اجمير

هيٺين ٻڌايل سهائتا جو هٿ ڊگهيريو آهي، جنهن لاءِ اسان سڀني جا ٿورائتو آهيون. هوميوپيٿي اسپتال، ٻيدا آشرم، نياڻي شادي فنڊ ۽ اسڪالرشپ فنڊ وغيره ڪم چڱيءَ طرح هلندا رهن، ان لاءِ ضروري آهي ته هڪ لک روپيه فڪسڊ ڊپازٽ ۾ رکائجن، جنهن جي وياج مان ڪم هلندو رهي.

خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو انهيءَ خيال کان ٢٥ هزار روپيه فڪسڊ ڊپازٽ ۾ رکايا ويا آهن. آشا آهي ته باقي ٧٥ هزارن کي خيال ۾ رکي، مهربان همدرد، ساٿي ۽ ڌرم پريمي، ادارا سان دان موڪلي، جس کٽيندا.

ماتا جسوتا مرواڻي اسڪالرشپ فنڊ

شري پرڪرداس جي، جڪارتا	١٠٠٠ روپيه
شري دين بندو ٽرسٽ، بمبئي	٣٠٠ "
شري گربخش رام سچانند ٽالراڻي، ڪلڪته	٢٠٠ "
شري مدو ڦتومل وسناڻي، اجمير	٣٠٠ "

نياڻي شادي سهائتا فنڊ

شري سچانند ڦيرواڻي	٢٠٠ "
شري هرڪنداس پرياڻي، بمبئي	٥٠ "

ناريل - هڪ ڪارگر ڦل

ناريل شرير کي پشٽ بڻائي ٿو. پل ۾ رنگ جو واڌارو ڪري ٿو. پيٽ صاف ڪري ٿو ۽ پيشاب صاف آڻي ٿو. اهو اهڙو ڦل آهي، جو پاڻي به ڏئي ٿو ته کاڌو به. جو ڪجهه به کائي سگهجي ته سگهو به. ناريل جي گري (ڳپ) چمچي سان به کائي سگهجي ٿي ته چباڙي کائڻ جي به ضرورت پئجي سگهي ٿي.

اها گري ناريل جو کائڻ جو حصو آهي. ڪچي ناريل ۾ پاڻي ٿئي ٿو ۽ سڪي وڃڻ تي اها گري گولي جو روپ وٺي ٿي. ناريل جو پاڻي به پشٽي ڪارڪ پدارٿ آهي. ڪومل ناريل ۾ پروٽين ٦٢ في سيڪڙو، گلوڪوس ٥٤٥ سيڪڙو، ڪاربوهائيڊريٽس ٥٥ سيڪڙو، ٿوري انداز ۾ فاسفيٽ، پاڻي ٩٢٤٣٢ سيڪڙو ٿئي ٿو.

آيرويد جي درشٽيءَ کان ڪچي ڦل جو ڏاب جو پاڻي، رنگ کي سٺو ڪندڙ، ٿڌو، هاضمي جي طاقت وڌائيندڙ، رت صاف ڪندڙ، هڏڪي دور ڪندڙ، پياس گهٽ ڪندڙ، پيشاب جو گهٽ اچڻ، الٽي، سخت بخار وغيره ۾ تمام ڪارگر آهي. ڏاب جي پاڻيءَ سان چمڙي جي داڻن کي ڌوئندا آهن،

شري رامڪرشن درمارٿ ٽرسٽ، اجمير

١- اپريل ١٩٨٥ع کان ٣١ مارچ ١٩٨٦ع تائين آمد ۽ خرچ جو حساب

خرچ		آمد	
پيدا آشرم پنڊارو	١١٨٧٤-٦٤	بچت	٣١،٩٦٨-٤٥
مهتراڻي	١٤٤-٠٠	دان	٢٣،٠٥٨-٣٠
ٻاڻي ٽيڪس	٨٠٩-٠٠	ماتا جسوتا ميرواڻي اسڪالرشپ فنڊ	٨،٠٥٨-٠٠
بجلي چارجز ٻاڻو ٻوڻ	١٣١١-٩٠	ٻاٻو ٻرڀداس هوميوپيٿي اسپتال	١٧٨٠-٠٠
" " ٻرڙو ٻوڻ	١٥٤-٥٠	نياڻي شادي سهائتا فنڊ	٢٤٠١-٠٠
هوميوپيٿي اسپتال تي خرچ	٧٢٥٣-٤٥	دادي ڪرشنا ديوي	
فرنيچر	٨٥٥-٠٠	غريب سهائتا فنڊ	٢٤٠١-٠٠
مرامت ٻاڻو ٻوڻ	١٤٧٣٢-٩٢	ميمبرن کان چندو مليل	٨٥٠-٠٠
رانڪي خرچ	٦٥٦-٥٠	ڪتابن جو وڪرو	٦٦٧- ٢
نياڻي شادي سهائتا فنڊ	٣٠٠٠-٠٠	بئنڪ کان وياج	٢٩٨-٤٦
دادي ڪرشنا ديوي غريب سهائتا فنڊ	٢٧٩٦-٣٥	هوميوپيٿي اسپتال دوا چارج	٣٠٥-٠٠
بچت روڪڙ هٿ ۾	١٦٥٣-٤٢	قرض واپس مليل	٢٠٠-٠٠
يو. ڪو بئنڪ ۾	٢٣٥-١٣		
اسٽيٽ بئنڪ آف بيڪانير ۽ جيپور	١١٢٣٢-٥١		
فڪسڊ ڊپازٽ	١٧٠٠٠-٠٠		
	٧٣٧٠٧-٣٣		٧٣٧٠٧-٣٣

ديپچند ر بيلاڻي
مئنيجنگ ٽرسٽي

ٿيرٿداس رنگواڻي
خزانچي

هرشچندر ائنڊ ڪو
چارٽرڊ اڪائونٽنٽ

انهيءَ ڪري جلن شانت ٿيندي آهي، ناريل ۾
وڌائڻ اي ۽ ڏي چڱو آهي.

هندي ڪي ڦل مان اٽڪل ٦٠ ڪان ٧١ سيڪڙو
تيل نڪري ٿو. مليبار ۾ ناريل مان گُڙ ٺاهيو ويندو آهي.
هندو ڌرم جي ڪلياڻڪاري ڪمن ۾ ناريل کي
اڳرو استان ڏنو ويندو آهي. انهيءَ ڪري انکي
"شري ڦل" به چوندا آهن.

ڪلياڻ جي راهه

مٿين نالي وارو پستڪ ڇپجي ويو آهي. جنهن
۾ مشهور سنت سوامي رام سکداس مهاراج جا ٦ پروچن
ڏنل آهن، جي پڙهڻ وٽان آهن. پيتا ٻه روپيه.

* سوامي ليلاشاهه واڻي *

انگريزيءَ ۾ ڇپجي ويئي آهي. ٣٦٥ ڏينهن
جا ويچار ڏنل آهن. ڪي جلد سان - پيتا فقط ٨ روپيه.

ملڻ جو هنڌ :-

آتم درشن پرڪاشن منڊل
نواب ڪا بيڙا، اجمير

Published by Shri Deepchandra Tilokchand
For Atma Darshan Prakashan Mandal
Nawab ka Bera, Ajmer and Printed by him
at Prabhu Printing Press, Nawab ka Bera, Ajmer